# ڪ

**ڪ :** ث . سنڌي الف ب جو چاليهون اکر.

• **ڪاٻ ج ڪاٻُون (ل):** ث. پَٽڪي جو پَلاند ڪاڏيءَ هيٺان ورائي ٻڌل. گهوڙي جي ڄاڙيءَ هيٺان ڏنل چمڙي جي پَٽي. هَرنهِن ۾ ڪُڙهه (هَـرُ) مضبوط ڪرڻ لاءِ چَپَر – ڄاڙي (ل).

– **ڪاٻَ ٻڌَڻُ (ل):** پَٽڪي جو پَلاند ڪاڏيءَ هيٺان ورائي ٻڌڻ – ٻوڪاني ٻڌڻ.

• **ڪاٻُ ج ڪاٻَ (ڪ) :** ذ. (پرا. ڪَپّ = ڪپ – ڪاٻ – وڍَ – زخم – ننڍو ٽـُنگ ـ سوراخ – ڪـُٻُ. ڳَپَ ۾ لڳل پير جو نشان . گهارو – ڪنڊُ – واهه يا ڪسيءَ جي ڪناري جو ڀڳل هنڌ.

”اوچتو منهنجي اکين مان آب تيئن جاري رهي، جيئن پوي ڪنهن ويل وهندڙ واهه کي ڪو ڪاٻ ڪنڊ“ڪـُٻُ. لَٽڙ.

– **ڪاٻَ ڪـَرَڻُ:** تنگ ڪرڻ – ستائڻ – دٻائڻ – خراب ڳالهائڻ.

– **ڪاٻَ ڪـَٻَ :** ذ . وڍ – زخم. ريش ـ ڦـَٽَ.

• **ڪاٻارَڻُ (ت) :** مصدر. بيڪار رهڻ. (ڪاٻاريو – ڪاٻاريل – ڪاٻاريو)

• **ڪاٻارُ ج ڪاٻارَ (ت):** ذ. درد. تيل. ڪارڻ. ناريل جو ڪاٻاڙ.

• **ڪاٻارائِڻَ (ت):** مصدر. ڪنهن بهاني سان گرفتار ڪرائڻ. سيڙائڻ. (ڪاٻارائيو – ڪاٻارائيندو– ڪاٻارائيل).

• **ڪاٻارِجَڻُ:** مصدر. نقصان ٿيڻ. ايذائجڻ. نوڪريءَ مان خارج ٿيڻ ـ ڌڪجڻ. ڪم خراب ٿيڻ.

• **ڪاٻاڙِجَـڻُ:** مصدر . ( سن. ڪِشوُ = ڪدي ڇڏڻ. ناس ڪرڻ) نقصان سهڻ – ٽوٽو پائڻ – ڇيهو پوڻ. فصل جو اُجڙڻ يا برباد ٿيڻ. اِيذائجڻ – ڌڪوئجڻ – گهائجڻ – زخمجڻ – ڦٽجڻ. موقوف ٿيڻ – برخواست ٿيڻ – لهڻ (نوڪريءَ تان). ڪرڻ.

• **ڪاٻـَرُ ج ڪاٻـَرَ( ت):** ذ. (سن. ڪَـسَرُ يا ڪوپرو = ناريل) ڪجِيءَ جي سنهي ڪَلَ – ڪجين، ناريل وغيره جي وٽن ۾ ڄاريءَ وانگر پردو (جنهن مان نوڙيون، واڻ، خاص پردا وغيره ٺاهيندا آهن). پردي جو ٽُڪر مڇيءَ وانگر ٺهيل، باسڻن وغيره کي صفا ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ.

• **ڪاٻـَڙُ ج ڪاٻـَڙَ:** ذ. صفت ڪٻي هٿ وارو – ڪٻي هٿ سان ڪم ڪندڙ – ڏاوڙ ـ ڏائڙ ـ ڏاٻڙ.

• **ڪاٻڙو ٽي ج ڪاٻڙوٽِي :** ذ. صفت . ٿوري علم وارو ـ ٽِڪساٽِي – ٽِڪَسالِي ـ ڪَم ذهن. ترانگهڙو – هلڪو – سفلو. گهٽ ـ ٿورو ـ ڪوتهه – آيَهـُو. (اسم خاص) ساداتن جي هڪ پاڙي جو لقب. (سيوهڻ ۾ ڪاٻڙوٽي سيدن جو پاڙو)

• **ڪاٻو ج ڪاٻا:** ذ . صفت. ڏائو– ڪـَٻو.

• **ڪاٻوتِي ج ڪاٻُوتِيُون :** ث. ڇُهنبدار ڪـُتِ ـ ڦاٻُوتي.

• **ڪاٻـَهـُ (ت):** ذ. ڍورن جو گاهه يا چارو.

• **ڪاٻِي ج ڪاٻيُون: (ت):** ث. ڪاڏي – ڄاڙي.

– **ڪاٻِي ڪوٺَڻُ (ت):** ڪاوڙجڻ ـ ڪاوڙ مهل هيٺيون چَپُ مٿين ڏندن جي هيٺان ڪرڻ.

– **ڪاٻيو ج ڪاٻيا (ت):** ذ. صفت. نڪتل ڄاڙيءَ وارو ـ وڌيل ڄاڙيءَ وارو – ڪَاڏِ يَرُ.

• **ڪاٽـَرَ (ت):** ذ. ڪاٽ ( گهر ڀچي ڪيل چوري. پاڙ (ٻنيءَ ۾ پيل).

• **ڪاٽرو ڙ (ت):** ذ. دڪان – واڍڪي ڪم جو دڪان – سوٽهڙن جو دڪان. مينَگهواڙ وغيره جي ڪم ڪرڻ جو ڇَنو.

• **ڪاٽِڙو ج ڪاٽـِڙا (ت):** ذ. مـُهري.

• **ڪاتو ج ڪاتا:** ذ. ( ع. ”حاطـہ ٗ جو بگڙيل ) سرڪاري محڪمو ـ شعبو ـ حلقو. سرڪاري يا ڪنهن ڪارخاني جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ ڪو خاص محڪمو. ڪنهن وڏي راجا جو خاص حصو_ علائقو. (سن. ڪارُڪَ = ڪائيندڙ) ڪنهن خاص آدميءَ جو حساب. حساب ڪتاب جي فهرست. واپاري حساب ڪتاب جو ورق. حساب ڪتاب جو سرو. روزنامچو – ليکي جي وَهي، جنهن ۾ رقمون ڪتائبيون آهن ـ ڪنڌو ـ خسرو – پڪي وهي. زمين جو پروانو ـ زمين جو پـَٽو ـ سَنَڌ – زمين جي ڪنهن خاص ٽـُڪر تي حق، اهڙي حق جي سرڪاري دفتر ۾ داخلا.

– **ڪاتي چاڙَهڻُ:** حساب ۾ داخل ڪرڻ.

• **ڪاتيدارُ ج ڪاتيدارَ:** ذ. صفت. ڪاتي وارو_ زميندار. ننڍو زميندار ـ ٿوري زمين جو مالڪ ـ زمين جي ڪنهن خاص ٽڪر تي ملڪيت جو حق رکندڙ.

– **ڪاتي لِـکـَڻُ:** ڪنڌي لکڻ – واصل ڪرڻ ـ اُڌار ۾ چاڙهڻ ـ نالي لکڻ ـ لکي ڪري ذمي لڳائڻ.

• **ڪاتو پـَوَڻُ (ت):** مـُنجهڻ.

• **ڪاٽُ ج ڪاٽَ :** ذ. (سن. ڪَن = ڪوٽـَڻ). چورن جو ڀت ۾ ڪيل ٻرگهَـلُ ـ ڀت جي هيٺئين حصي مان چوري ڪرڻ جَي ارادي سان هنيل سرنگهـ. (اسم خاص) تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **ڪاٽـِڙيو ج ڪاٽـِڙِيا:** ذ. صفت. ڪاٽ هڻندڙ (چور)

# ء ۽ ي

**ء: ذ.** الف همزو. سنڌي ٻوليءَ جو "٥١" ايڪونجاهون اکر.

**۽: حرف جملو.** (سن. ايوَم، اَنيءَ. پرا. اٿو) ٻيو وڌيڪ.

**ي : ث .** ( ع. ف. سن.) عربيءَ جو اٺاويهون پڇاڙيءَ وارو اکر، فارسيءَ جو ٻٽيهون پڇاڙيءَ وارو اکر، سنڌيءَ جو ٻاونجاهون پڇاڙيءَ وارو اکر، اردوءَ جو پنجٽيهون ۽ ابجد موجب عدد ڏھ. ٻار جي پيئڻ کان پوءِ ٿڻن ۾ باقي بچيل کير.

- **يا:** حرف جملو(ف) ٻن مان ڪو ٻہ هڪ مثلاً: "هي يا هُو، مُحَمد يا احمد"– نہ تہ.( ع. يا حرف ندا) سڏ ڪرڻ جو حرف– اي – او– اَي– اڙي. مثلاً: ياالله، يا رَبُ.

– **يا نَصِيبُ:** حرف ندا. جيئن قسمت ۾ هوندو تيئن ٿيندو– جڏهن قسمت بدلجي.

- **يا بِندَه:** اسم فاعل.(ف. يافتَن= لهڻ– وٺڻ) ڳوليندڙ– وٺندڙ– هٿ ڪندڙ– جهليندڙ– جاچيندڙ.

- **يابِسُ:** ذ . صفت.( ع. يَبِس= هو خشڪ ٿيو) سُڪل– خشڪ.

- **يابُو ج يابُو:** ذ . ڊِڊو– ٽَٽُون– بنا پنڌ وارو گهوڙو.

- **يابُولُ(ت):** ذ . بيماريءَ جو هڪ قسم – سرسام .

- **ياپِڙ ج ياپِڙُون:** ث . صفت. رنڊي– ڪسٻياڻي– ڇڪلاڻڻ– ڇنالُ.

- **ياتِرا ج ياتِرائُون:** ث . (سن). جاترا– درشن.

– **ياتِرا ڪَرَڻُ:** درشن ڪرڻ– تيرٿ واسي ٿيڻ– مندر ۾ وڃڻ.

- **ياجُوجُ:** اسم خاص. ( ع. ياجُوجُ) نوح جو پُٽ– ماجوج جو ڀاءُ. فسادي– فساد انگيز– اوباش.

– **ياجُوجُ ماجُوجُ:** يافث بن نوح جي ٻن پٽن جا نالا. فسادي– اوباش.

- **يادِ ج يادُون:** ث . (ف). يادگيري– حافظو –وري خيال تي اچڻ واري حالت– يادداشت –چيتو–ويسر جو ضد– ازبر– حفظ– ڪَٺ . سڌ– سرت.

– **يادِ آوري ج يادِ آوريُون:** ث . (ف. ياد آوردَن= ياد آڻڻ). ياد ڏيارڻ جي حالت– پيغام – سَنيهو– خبر. مزاج پرسي– خيريت طلبي– خبرگيري. دل تي ڪنهن ڳالھ جي ياد اچڻ جي حالت– حافظي تي تري اچڻ واري حالت– ياد ڪرڻ جي حالت.

– **ياد اَچَڻُ:** يادپوڻ– دل تي اچڻ– يادگيري ٿيڻ– خيال اچڻ– خيال پيدا ٿيڻ– ذهن ۾ اچڻ– يادداشت اچڻ– چيتي ۾ اچڻ– ڌيان ۾ اچڻ. محبت يا محبوب جي يادگيري اچڻ. حقيقت کلڻ– خبر پوڻ. جوش ۾ اچڻ.

– **ياداشِتَ ج ياداشِتُون:** ث . يادگيريءَ جو ڪاغذ –چِٺو– لسٽ– تفصيل– ذڪر– تذڪرو– فهرست. اهو ڪتاب جنهن ۾ ياد رهڻ لاءِ ڪجھ لکجي.

– **يادِ پوڻُ:** ياد اچڻ– ياد هُجڻ– خيال ۾ اچڻ– دل تي هَرڻ– عقل ۾ اچڻ –حافظي تي تري اچڻ– دل تي اُکرڻ.

– **يادِداشتَ ج يادِداشتُون:** ث . ياد رکڻ جو نشان– ياد– حافظو– ٻيو ڀيرو ڌيان تي اچڻ جي حالت– يادگيري لاءِ لکيل روزنامچو– تاڪيدي خط.

– **ياد ڏِيارَڻُ:** چتائڻ– خبردار ڪرڻ. هوشيار ڪرڻ– آگاھ ڪرڻ– تاڪيد ڪرڻ– اطلاع ڏِيَڻُ.

– **يادِ رکَڻُ:** خيال رکڻ– فراموش نہ ڪرڻ– ڀلجي نہ وڃڻ– حافظي ۾ رکڻ– چيتي ۾ آڻڻ– سمجھ ۾ وويارڻ– دل تان نہ لاهڻ– وسري نہ وڃڻ.

– **يادِ رَهَڻُ:** ڌيان رهڻ– خيال رکڻ– دل تان نہ ڀُلڻ– فراموش نہ ٿيڻ– دل تي رکڻ– ذهن ۾ رهڻ– حافظي ۾ رکڻ– سمجھ ۾ رکڻ– خيال ۾ رکڻ.

– **يادِ ڪَرڻ:** ذري ذري نالو وٺڻ– وري وري چوڻ– حفظ ڪرڻ– ازبر ڪرڻ– سارڻ– سنڀارڻ– اڪيرڻ– دل تي آڻڻ. جپڻ– رٽڻ.

– **يادگارُ ج يادگارَ:** ذ . تاريخي يادگيري طور بنايل نشان(مثلاً: مُنارو، مڪان، مقبرو، ڪوھ، عمارت وغيره). عِلامت– آثار.

– **يادِگاري ج يادِگاريُون:** يادگيري– اُڪير– اُڪنڊ.

– **يادِگِيَرو ج يادِگِيَرا:** ذ . خيال– ڌيان– ذهن– چيتو.

– **يادِگِيري ج يادِگِيريُون:** سار– سنڀال– سنڀار– ياد ڪرڻ جي حالت– خيال– ڌيان– وريَ وري دل تي ڳالھ ياد اچڻ جي حالت– ذهن ۾ رکڻ جي حالت.

- **يارُ ج يارَ:** (ف). دوست– مددگار– سنگتي– رفيق– همراه– ساٿي– مددڪندڙ– آشنا– حمايتي– دستگير– همدم– محب– دلبر– معشوق– دلدار– سڄڻ– پيارو. عورت جو دوست، جنهن مان مجامعت ڪري– شادي ڪيل زال جو پنهنجي حقيقي مڙس کان سواءِ ٻيو مهربان مڙس، جنهن سان هو لڳل هجي.(ث). يِار– سهيلي– ساهيڙي– سنگتياڻي.

– **يارانِ ڪُهَن:** جهونا دوست– پراڻا يار– ڪُهنا دوست– گهرا دوست– گهاٽا دوست– راز وارا سنگتي.

– **يارانو ج يارانا:** ذ . دوستي– سنگت– ياري– ڳنڍاپو– لاڳاپو– پيار– اخلاص– محبت– ربط– ضبط– آشنائي– اُلفت. (صفت). دوستانو– محبانو– مشفقانو.(ظرف). دوستيءَ جي طريقي– دوستيءَ جي نموني– مشفقانہ ريت.